# علامتون ۽ اشارا

| علامتون | اشارا | علامتون | اشارا |
|---|---|---|---|
| عَ | عربي | يُو | يوناني |
| ف | فارسي | فر | فرانسيسي |
| ھ | هندي | پن | پنجابي |
| س | سنسڪرت | بنگ | بنگالي |
| اُر | اُردو | ت | تُرڪي |
| عبر | عبراني | پُر | پرتگالي |
| سُر | سُرياني | رُو | رُوسي |
| انگ | انگريزي | صف | صفت (نحوي حالت) |

# آئيوٽا

| اردو | سنڌي | اردو | سنڌي | اردو | سنڌي | اردو | سنڌي |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ا | ا | جھ* | جھ | ڑ◉ | ڙ | ف | ف |
| ب | ٻ | چ | ڃ | ز | ز | ق | ق |
| بھ* | ڀ | چھ* | ڇ | ژ | ز | ک | ڪ |
| پ | پ | ح | ح | س | س | کھ* | ک |
| پھ* | ڦ | خ | خ | ش | ش | گ | گ |
| ت | ت | د | د | ص | ص | گھ* | گھ |
| تھ* | ٿ | دھ* | ڌ | ض | ض | ل | ل |
| ٹ | ٽ | ڈ | ڊ | ط | ط | م | م |
| ٹھ* | ٺ | ڈھ* | ڍ | ظ | ظ | ن | ڻ |
| ث | ث | ذ | ذ | ع | ع | و | و |
| ج | ڄ | ر | ر | غ | غ | ہ/ھ | ھ |
| | | | | | | ی/ے | ي |

* اُهي اکر جن سان لفظ ته شروع ٿئي ٿو پر الفابيٽ ۾ نه آهن.
◉ اُهي اکر جيڪي الفابيٽ ۾ اهن، پر انهن سان لفظ شروع نٿو ٿئي.

# الف

ا. **الف:** (ع- مذڪر) اردو، سنڌي، عربي ۽ فارسي الف- ب جو پهريون اکر. الف جا ٻہ قسم آهن: ممدوه ۽ مقصوره. الف ممدوه جيڪ سان پڙهجي ٿو ۽ مٿس مد ( ) هوندي آهي. (مثلاً: ''آپ''، ''آگ''، ''آمد'' وغيره). الف مقصوره جيڪي نٿو پڙهجي ۽ نہ ئي مٿس علامت هوندي آهي. (مثلاً: ''اگر''، ''سال''، ''تاج'' وغيره). علامتي لحاظ کان الف جي معنيٰ: خدا، واحد، اڪيلو، مفرد، سِڌائي، اگهاڙو، بهادر. ابجد جي حساب ۾ هڪ عدد وارو اکر.

## آ

**آ:** (ه) اچ- اِڳتي وڌڻ جو حڪم. ڪبوتر کي سڏڻ جو آواز. سُر يا تار جو ابتدائي آواز.

**آآ:** پالتو پکين (ڪُڪڙ وغيره) کي سڏڻ جو آواز.

**آبے سونٹے تیری باری، کان چھوڑ کنپٹی ماری:** (محاورو) ڪنهن ڪم ۾ لاڳيتي ناڪاميءَ کان پوءِ آخري حيلو ڪرڻ.

**آ بیل مجھے مار:** (محاورو) خوامخواه جهيڙي ۾ ڦاسي پوڻ- پنهنجو پاڻ مصيبت ۾ ڦاسائڻ- ڏاڍي کي ويڙهہ لاءِ مچرائڻ.

**آبے لونڈے جابے لونڈے کرنا:** (محاورو) رُلڻ ۽ رُلائڻ- ڊوڙائڻ- فضول وقت گذارڻ- اجائي اچ وڃ ڪرڻ.

**آ پڑوسن لڑیں:** هروڀرو ڇيڙ ڇاڙ ڪرڻ- زبردستي ڇيڙڻ.

**آ پڑوسن مُجھ سی ہو:** پاڻ سان گڏ ٻين کي بہ برباد ڪرڻ.

## آ- ب

**آب:** (ف- مذڪر) پاڻي. ٻگهر- پسينو. لُڙڪ- ڳوڙها. عرق. نج شراب. شوررو. گلن جو رس. ڦٽ جو رس. رونق- چمڪ. عزت- قدر. جوهر. وهڪ- وَڍ (هٿيار جي).

**آب آپ کر مرگئے سرهانے دهرا رها پانی:** (محاورو) مادري ٻوليءَ تي ٻي ٻوليءَ کي ترجيح ڏيڻ جي خرابي.

**آب آب کرنا:** شرم ڏيارڻ- شرمندو ڪرڻ. نرم ڪرڻ.

**آب آب هونا:** پاڻي پاڻي ٿيڻ- پسينو ٿي وڃڻ. پاڻياٺ ٿيڻ. وهي نڪري. شرمسار ٿيڻ. مجبور ٿيڻ. ٻرجي اچڻ (لُڙڪ، ڪڪر وغيره).

**آب آتش رنگ، آبِ آتش مزاج، آبِ آتش ناک، آب آتشِین:** ڳاڙهو شراب. رت جا ڳوڙها.

**آب آجانا:** اوزار يا هٿيار جي وَهڪ تيز ٿيڻ- پاڻي چڙهڻ. چمڪ ۽ اوجر اچڻ- صفائي پيدا ٿيڻ.

**آب آمد تیمم برخاست:** اصل شيءِ ملڻ کان پوءِ متبادل جي ضرورت نہ هوندي آهي (جيئن پاڻي ملڻ کان پوءِ تيمم جي ضرورت ناهي).

**آبِ آهن:** لوهہ جي چمڪ- لوهہ جي اوجر.

**آبِ آهن تاب:** اهو پاڻي جنهن ۾ گرم لوهہ وِسايو (ناريو) ويو هجي.

**آبِ آئینه:** آرسي جي صفائي. قلعي. چمڪ- تيزي.

**اب اُتر جانا/اُترنا:** چمڪ ختم ٿيڻ- پاڻي لهي وڃڻ. عزت ويندي رهڻ.

**آبِ احمر/ارغوانی:** ڳاڙهو پاڻي- شراب.

**يورپي:** (اُر) يورپ سان تعلق رکندڙ- يورپي. (مذکر) يورپ جو رهاڪو- فرنگي.

**يُورِش:** (ت- مؤنث) حملو- ڪاهه- چڙهت. فساد- فتنو- وڳوڙ.

**يُوسُف:** (ع- مذکر) حضرت يعقوب عليہ السلام جي پٽ جو نالو (جيڪو نهايت حَسين هو)؛ حضرت يوسف عليہ السلام.

**يوسف ثاني:** ٻيو يوسف- نهايت حَسين- حُسن ۾ يوسف ع جهڙو.

**يوڪلَپِٽس:** (انگ- مذکر) هڪ وڻ جنهنجو عرق دوائن ۾ استعمال ٿئي.

**يوگ:** (س- مذکر) مراقبو. مذهبي ورزش- يوگا.

**يوگي:** (س- مذکر) ڏسو: "جوگي".

**يوم:** (ع- مذکر) ڏينهن- روز. تاريخ.

**يوم الحساب:** حساب ڪتاب جو ڏينهن- قيامت جو ڏينهن.

**يوم الحشر:** گڏ ٿيڻ جو ڏينهن- روز محشر- قيامت يا حشر جو ڏينهن.

**يوم النشور:** ٻيهر زنده ٿيڻ جو ڏينهن- قيامت جو ڏينهن.

**يوماً فيوماً:** (ع) روز روز- هر روز- روزانو.

**يوميه:** (ع) روزانو. (تابع فعل) روز. (مذکر) روزاني مزدوري- ڏهاڙي.

**يُوں:** (ه) هيئن- هن طرح- هن ريت.

**يُوں تو:** ائين ت- اهڙي طرح ت. دراصل ت. ورنہ ن ت.

**يُوں هي، يُونهيں:** هن طرح- هن وانگر. بنا سوچ سمجهہ جي. بيفائدو- اجايو. ناحق- هروڀرو. اتفاقاً. سولائيءَ سان.

**يُونهي سهي:** ائين ئي سهي- اهڙي ريت ب قبول آهي.

**يُونهي هے:** هن طرح آهي. اجايو آهي- فضول آهي؛ ڀروسي جوڳو ناهي.

**يُوناني:** (ع) يُونان (ملڪ) سان نسبت رکندڙ- يونان وارو- يونان جو. (مذکر) يونان جو رهاڪو. (مؤنث) يوناني ٻولي.

**يُونٹ:** (انگ- مذکر) اڪائي- وحدت. هڪ شيءِ، شخص يا مجموعو (جيڪو واحد ۽ ذات ۾ مڪمل سمجهيو وڃي يا ڳڻپ يا ماپ لاءِ پيماني جو ڪم ڏي).

**يُونس:** (ع- مذکر) بني اسرائيل جو هڪ پيغمبر- حضرت يونس عليہ السلام.

**يُونيسڪو:** (انگ- مذکر) گڏيل قومن جو تعليمي، سائنسي ۽ ثقافتي ادارو- "يونائيٽيڊ نيشنز ايجوڪيشنل سائنٽفڪ ائنڊ ڪلچرل آرگنائيزيشن" جو مخفف.

**يُوني سيف:** (انگ- مذکر) گڏيل قومن جو ٻارن جي مدد واسطي هنگامي فنڊ- "يونائيٽيڊ نيشنز انٽرنيشنل چلڊرينز ايمرجنسي فنڊ" جو مخفف.

**يُونيفارم:** (انگ- مذکر) وردي.

**يُونِيَن:** (انگ- مؤنث) اتحاد- ٻَڌي- اتفاق. ادارو- انجمن- جماعت.

**يُونيوَرسٹي:** (انگ- مؤنث) اعليٰ تعليم گاهہ- مادر علمي- جامعہ- يونيورسٽي.

## ي - ه

**يہ:** (ه) هي. اِجهو. ويجهو- پر ۾. حاضر. اهڙي. اهي (ماڻهو).

**يه بيل منڈھے چڑھتی نظر نہیں آتی:** (محاورو) هي ڪم مڪمل ٿيندي نظر نٿو اچي.

**يه جا وه جا:** يڪدم پٺي ويو.

**يه منھ اور مسُور کی دال:** (محاورو) تُون اِنهي لائق ناهين.

**يه وه گُڑ نہیں که چیونٹے کھائیں:** (محاورو) هي شيءِ اهڙن تهڙن لاءِ ناهي.

**يہاں:** (ه) هتي- هن هنڌ- هيڏانهن.

**يہاں تک:** هن جاءِ تائين. هن وقت تائين. ايترو- ايستائين.

**يہاں نه وهاں يه بلا کہاں:** (محاورو) هتي ن هُتي هي بلا ڪٿي (خانہ بدوش ماڻهو لاءِ چئبو آهي).

**يہُود:** (ع- مذکر) "يہُودي" جو جمع.

**يہُودن:** (اُر- مؤنث) يهُودي عورت- يهُودڻ.

**يہُودی:** (ع) يهودي مذهب متعلق. (مذکر) يهودي مذهب جو پيروڪار- يهودي- موسوي.

**يہی:** (ه) "يه هی" جو مخفف- اِهو ئي- خاص اِهو- خصوصاً.

**يہی سہی:** اِهو ئي ٺيڪ- ائين ئي سهي.

**يہی نا:** اِهو ئي نہ- بَس نہ- فقط ايتري ڳالهہ.

**يہيں:** (ه) هتي ئي- اِتي ئي- اِنهي ئي هنڌ تي.